# جانورن بابت دلچسپ سوال جواب

سنڌي

شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال
مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي
دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ۴٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: جانورن بابت دلچسپ سوال جواب
ڇاپو پهريون  ذيقعدة الحرام 1442ھ جولاءِ 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# جانورن بابت دلچسپ سوال جواب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

**جانورن بابت دلچسپ سوال جواب** 1

دعاءِ عطار ............ 1

درود شريف جي فضيلت ............ 1

شيخ عثمان حِيري ۽ زخمي گڏهه (حڪايت) ............ 2

جانور جي مدد ڪرڻ تي اجر ............ 2

ڇا ٻڪريون پالڻ سنّت آهي؟ ............ 3

جانور وڪٽي ميلاد جو نياز ڪرڻ ڪيئن ............ 4

ڇا ويسر بہ الله پاڪ جي نعمت آهي؟ ............ 4

ڇا حرام جانور جو نالو وٺڻ سان 40 ڏينهن جي نماز قبول ناهي ٿيندي؟ ............ 5

پڃرن ۾ طوطا پالڻ ڪيئن؟ ............ 6

ڳئون جو ڦر پيدا ٿيندي ئي وڪٽي ڇڏڻ ڪيئن؟ ............ 7

جان جو صدقو ڪهڙي شيءِ مان ڏنو وڃي ............ 8

جانورن تي ظلم ڪرڻ قيامت جي ڏينهن سخت آزمائش جو سبب بڻجي سگهي ٿو ............ 9

ڪبوتر ۽ ٻليءَ جي دوستي ............ 12

دين خير خواهي جو نالو آهي ............ 13

ٻين جو خيال رکو ............ 14

ڪل ڦوڪڻ واري مڇي ڪائڻ ڪيئن؟ ............ 15

جانورن جون پاڻ ۾ دوستيون ............ 16

اللّٰه پاڪ جو ذڪر ڪرڻ وارو جانور ............ 17

ڪتا ويڙهائڻ ڪيئن؟ ........ 18
”يارسول الله اوهان تي جان فدا“ جي ٻاويهه اکرن ........ 18
جي نسبت سان قرباني جون کلون جمع ڪرڻ ........ 18
وارن جي لاءِ 22 نيتون ۽ احتياطون ........ 18

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۭ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۭ

# جانورن بابت دلچسپ سوال جواب

## دعاءِ عطار:

يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو مڪمل رسالو ”جانورن بابت دلچسپ سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي جانورن تي رحم ڪرڻ واري دل عطا فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

ڪنهن بزرگ هڪ شخص کي وفات کان پوءِ خواب ۾ ڏسي پڇيو: مافعل الله بك؟ يعني الله پاڪ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ چيائين: الله پاڪ مونکي بخشي ڇڏيو. پڇيو ڪهڙي سبب؟ چيائين: مان هڪ محدث صاحب (يعني حديث شريف جو علم ڄاڻڻ واري) وٽ حديثِ پاڪ لکندو هيس. انهن نور جي پيڪر، تمام نبين جي سَرو صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درودِ پاڪ پڙهيو ته مون بلند آواز سان درود پاڪ پڙهيو پڻ حاضرين ٻڌو ته انهن به درودِ پاڪ پڙهيو ته الله پاڪ ان جي برڪت سان اسان سڀني کي بخشي ڇڏيو آهي. (القول البديع، ص254)

اَعمال نہ دیکھے یہ دیکھا محبوب کے کُوچے کا ہے گدا
مولا نے مجھے یوں بخش دیا سُبحانَ اللہ سُبحانَ اللہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شيخ عثمان حِيري ۽ زخمي گڏھ (حڪايت)

حضرت شيخ عثمان حِيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ مالدار گهراڻي سان تعلق رکندو هو. هڪ ڀيرو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ريشمي چادر ويڙهي مدرسي وڃي رهيا هئا، حالانڪ ريشمي چادر مرد استعمال نٿو ڪري سگهي، پر اهو سندن توبہ کان پهريان جو واقعو آهي. (رستي ۾) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هڪ گڏھ نظر آيو جنهن جي پُٺي زخمي هئي ۽ ڪانءُ ان جي زخم کي پٽي رهيا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي تمام گهڻو رحم آيو ۽ ڪين پنهنجي ريشمي چادر لاهي گڏھ جي پُٺي جي زخمي حصي تي وڇائي ڇڏي، ائين گڏھ کي ڪانوَن کان نجات ملي وئي، گڏھ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي طرف ڏٺو ڇڻ ان دعا ڏني، جيتوڻيڪ اها دعا ٻڌڻ ۾ ڪانہ آئي، پر اُن سان حضرت عثمان حِيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تقدير بدلجي وئي ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا بزرگ بڻجي الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن ۾ شامل ٿي ويا. ( تذكرة الاولياء ، ذكر ابو عثمان حيرى ، 2 / 47 ماخوذا)

## جانور جي مدد ڪرڻ تي اجر

**سوال**: ڇا جانور جي مدد ڪرڻ تي اجر ملندو آهي؟

جواب: جي ها! حديثِ پاڪ ۾ تذڪرو آهي تہ ”هڪ تمام وڏو گنهگار شخص هو، اهو کوھ وٽان گذريو، ڏٺائون تہ هڪ ڪتو آلي مٽي چٽي رهيو آهي، ان جي ٻاهر نڪتل زبان ڏسي ان شخص کي اندازو ٿي ويو تہ اهو ڪتو تمام گهڻو اڃارو آهي، اُن پنهنجو موزو(چمڙي جو جوراب) لاٿو، موزي ۾ پاڻي ڀري ان ڪتي کي پياريو. الله ڪريم کي ان جي اها نيڪي پسند اچي وئي ۽ ان جي بخشش ٿي وئي.

( بخارى ،4، 103 / ، حديث : 6009 ماخوذا)

جانورن تي رحم ڪرڻ ۽ انهن جي مدد ڪرڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي. ڪجھ شرارتي ٻار ٻلي کي ڇت تان ڪيرائيندا، ماريندا آهن ۽ پڇ مان پڪڙي اڇليندا آهن، انهن کي سمجهائڻ گهرجي ڇوته اهي اڻ واقفي ۾ ائين ڪندا آهن، جانور چاهي ٻلي هجي يا ڪتو هجي، الله پاڪ جي مخلوق آهن، انهن کي خوامخواه ايذاء نه ڏيڻ گهرجي، ڇوته اهو گناهه آهي. حڪيم الامت مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکيو آهي ته "مظلوم جانور ۽ مظلوم ڪافر جي بددعا به مقبول آهي." (مراة المناجيح ، 3 / 300) اسلام ظلم جو رد ڪيو آهي، اسلام ۾ ظلم آهي ئي ڪونه. اسان کي پيار ۽ محبت ڏيڻي آهي ۽ ظلم سان بچڻو آهي. جانورن تي رحم ڪندي انهن کي ڪارائڻ پيئارڻ گهرجي ڇوته حديثِ پاڪ ۾ آهي ته "هر جگر واري جان ۾ اجر آهي" (بخاري،4 / 103 ، حديث : 6009 ملتقطا). اسان جانور سان احسان ۽ ڀلائي ڪنداسين ته ثواب ملندو.

## ڇا ٻڪريون پالڻ سنّت آهي؟

**سوال:** ڇا ٻڪريون پالڻ سنت آهي؟ (فيس بڪ جي ذريعي سوال)

**جواب:** جي ها! سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ ٻڪريون هونديون هيون، بلڪ مخصوص کير ڏيڻ واريون ٻڪريون به هيون. (عمدة القارى، 15 / 539 ، تحت الحديث : 6459ملخصا) هڪ روايت آهي ته گهر ۾ ٻڪري جو هجڻ محتاجي جا 70 دروازا بند ڪري ڇڏي ٿو. (فردوس الاخبار، 2/ 12 ، حديث : 3471)، يعني گهر ۾ ٻڪري رکڻ فائديمند آهي. گهر مان مراد (Bedroom) (سمهڻ وارو ڪمرو) ته ٿي نٿو سگهي، هن مان مراد گهر جي اها مناسب جڳهه جتي ٻڪري رکي سگهجي ٿي.

## جانور وڪٽي ميلاد جو نياز ڪرڻ ڪيئن

سوال: جيڪڏهن ڪنهن ميلاد جي لاءِ جانور پاليو هجي تہ ڇا اهو ان جانور کي وڪڻي اڌ رقم هن سال ۾ باقي اڌ رقم اڳي سال ميلاد جي نياز ۾ خرچ ڪري سگهي ٿو؟ (محمد عمران عطاري. لانڍي ڪراچي)

جواب: جيڪڏهن هن ئي سال جانور قربان ڪرڻ جي نيت ڪئي هئي تہ انهيءَ سال ڪرڻ گهرجي. پر جڏهن تہ ائين ڪرڻ ان تي واجب نہ ٿيو هيو. ( فتاویٰ رضويہ ، 13/ 589 ماخوذا) انهيءَ ڪري جيڪڏهن جانور وڪڻي رقم اڌ اڌ ڪري بہ نياز ڪري ٿو تہ تڏهن بہ درست آهي. فرض ڪيو جيڪڏهن ارادو مٽائي ڇڏي ۽ نياز ئي نہ ڪري تڏهن بہ گنهگار ناهي. پر جڏهن نيت ڪئي آهي ان نيت کان پوئتي نہ هٽڻ گهرجي.

## ڇا ويسر بہ الله پاڪ جي نعمت آهي؟

سوال: ويسر ”الله پاڪ جي نعمت آهي“ ائين ڇوڻ ڪيئن؟

جواب: ڪيئي صورتون اهڙيون آهن جن ۾ وسري وڃڻ نعمت آهي، جيئن ڪنهن اسان سان بدسلوڪي ڪئي ۽ اسان ويساري ڇڏيو تہ اها نعمت ٿي، ڇوتہ بدسلوڪي ياد رهجي وڃي ها تہ ان تي ڪاوڙ ڪندا رهون ها، ان جون برايون ڪندا رهون ها ۽ ان کان بدلو وٺڻ جي ڪوشش ۾ رهون ها تہ جڏهن موقعو ملندو، نہ ڇڏيندوماسن. بعض اوقات ٻارن کي چڙٻيندي خبر ناهي ڇاڇا چئي ڇڏيندا آهيون ۽ ٻار ويساري ڇڏيندا آهن، اهو وسرڻ نعمت آهي، نہ تہ اگر ٻار نہ ويساري ۽ اهو بہ ڪاوڙ ڪري تہ ماءُ پيءُ کي ماري وجهي. جانور

جو حافظو بہ گھٽو ڪمزور هوندو آهي، جڏهن بہ ڪر بَدَل هو تڏهن ان ڪي ڏندو هنيو هو، جيڪڏهن اهو ياد رکي ۽ ويساري نہ، پوءِ جڏهن ان کي ڪوليو ويندو تہ اهو ڏندي جو بدلو سگ هٽي وٺندو تہ ڪيئن لڳندو!! اهڙيون بيون بہ ڪيئي صورتون آهن جنهن ۾ پانهو وساري ويهندو آهي تہ فائدو ٿيندو آهي. ترمذي شريف ۾ حديثِ پاڪ موجود آهي تہ”حضرت آدم عَلَيه السَّلَام ويسر ۾ وڻ مان ڪائي وينو، تنهنڪري هن جي اولاد ويسارڻ لڳي. (ترمذي، 5 / 53، حديث : 3087) هن حديثِ پاڪ جي شرح مرأة المناجيح ۾ ڪجهه هن طرح آهي: ”يعني حضرت آدم عَلَيه السَّلَام سان وڻ جي تعين ۾ اجتهادي خطا ٿي ۽ انهن سمجهيو تہ رب پاڪ خاص هن وڻ جي ميوي کان روڪيو آهي ۽ مان بي وڻ جا ميوا ڪائي رهيو آهيان، حالانڪ ممانعت وڻ جي جنس کان هئي، يا انهن سمجهيو تہ مونکي ڪائڻ کان ناهي روڪيو ويو، بلڪ قريب وڃڻ کان روڪيو ويو آهي. اها خطا ۽ ويسر اڄ تائين انسانن ۾ هلندي پئي اچي.“ (مرأة المناجيح ، 1 / 117-119)

## ڇا حرام جانور جو نالو وٺڻ سان 40 ڏينهن تائين نماز قبول ناهي ٿيندي؟

**سوال:** ڇا حرام جانور جو نالو وٺڻ سان 40 ڏينهن تائين نماز قبول ناهي ٿيندي؟ (سوشل ميڊيا جي ذريعي سوال)

**جواب:** حرام جانور تہ ڪتو ۽ ٻلي بہ آهن، پر هڪ مخصوص جانور آهي جنهن جي متعلق ماڻهن ۾ افواه ڦهليل آهي شايد انهيءَ ڪري سائل بہ ان حرام جانور جو نالو ناهي ورتو، حالانڪ ان جانور جو

نالو قرآنِ ڪريم ۾ بہ آيو آهي ۽ اهو حرام جانور"سُوَر" آهي (هن موقعي تي مفتي حسان صاحب هيءَ آيت مبارڪ تلاوت فرمائي:)

(اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيۡكُمُ الۡمَيۡتَةَ وَالدَّمَ وَلَحۡمَ الۡخِنۡزِيۡرِ)

ترجمو ڪنزالايمان: اُن اهي ئي توهان تي حرام ڪيا آهن مئل ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت.

(اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمايو) عوام ۾ ڪيئي غلط فهميون پاتيون وڃن ٿيون. سُوَر جو لفظ اچارڻ سان نہ وضو ٽٽندو آهي ۽ نہ ئي گناھ ملندو آهي.

## پڃرن ۾ طوطا پالڻ ڪيئن؟

**سوال:** پکين کي نفلي صدقي جي نيت سان داڻو وغيره وڌو وڃي تہ ڇا نفلي صدقي جو ثواب ملندو؟ پڻ جيڪڏهن ڪنهن پڃري ۾ شوق خاطر طوطا پاليا هجن، پر انهن جو خيال رکندو هجي تہ ڇا ان کي طوطا قيد رکڻ جو گناھ ملندو؟

**جواب:** پکين کي داڻا چڱائڻ ثواب جو ڪم آهي. جيڪڏهن ڪنهن طوطن کي قيد رکيو آهي، پر انهن کي باربار داڻو پاڻي ڏئي ٿو ۽ بي ڪا تڪليف نٿو ڏئي تہ پڃري ۾ بند رکڻ جائز آهي. پر ان ۾ پاڻهي کي اهو سوچڻ گهرجي تہ جيڪڏهن مونکي ڪير بند ڪري ڇڏي تہ ڪيئن محسوس ٿيندو؟ اسان جي لاءِ تہ ننڍو وڏو مڪان ڪافي ٿي ويندو آهي، پر پکين جي لاءِ تمام وڏي فضا گهرجي. جيئن ننڍيون مڇيون شوپيس طور تي ماڇهو رکندا آهن تہ مونکي انهن تي ڏاڍو رحم ايندو آهي، ڇوتہ پاڻي شيشي جي شوپيس ۾

هوندو آهي جنهن جي ڪري تي سگهي ٿو ته بعض اوقات ترندي وقت مڇيون شيشي سان ٽڪرائيندون هجن ۽ زخمي ٿي ويندي هجن. اهي سمجهنديون هونديون رستو آهي ۽ ٽڪرائجي ويندي هونديون. مان ناجائز نٿو چوان، پر سمجھ ۾ اهوئي ٿو اچي ته اهڙا شوق نه ڪجن جنهن سان ڪنهن جانور کي اسان جي ڪري پريشان ٿيڻو پوي. ڪجھ ماڻهو تمام سنو ڪم ڪندا آهن جو جهرڪيون وغيره خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيندا آهن، اهو پلو ڪم آهي.

## ڳئون جو ڦر پيدا ٿيندي ئي وڪڻي ڇڏڻ ڪيئن؟

**سوال:** منهنجو جانورن جي واڙي (Farming) جو ڪاروبار آهي جڏهن ڳئون ويامندي آهي ته ڪيئي واڙي جا مالڪ ان جي ڦر کي وڪڻي ڇڏيندا آهن، حالانڪ اڃا هن ڦر پنهنجي ماءُ جو پهريون کير به ناهي پيتو هوندو. ائين ڪرڻ ڪيئن؟ (علي احمد. فيصل آباد، پنجاب پاڪستان)

**جواب:** عام طور ننڍڙو ڦر جيڪو نر هوندو آهي اهو انڪري وڪڻيو ويندو آهي جو اهو وڏو ٿي ڪري نه کير ڏيندو ۽ نه ئي ڦر ڏيندو. اهو وڪڻڻ جائز آهي. البته ڪجھ ماڻهو اهڙي جانور تي رحم ڪندا آهن، اهو ئي سبب آهي جو اهڙي جانور جي وڪڻڻ سان ٿوري گهڻي بيزاري جي صورت بڻجندي آهي. پر اهڙن ماڻهن جو به تعداد آهي جيڪي اهڙي طرح جي جانورن جو گوشت کائڻ پسند ڪندا آهن، چوته ان جو گوشت نرم ۽ بلڪل ملائم هوندو آهي. ظالماڻو ذهن رکندڙ ڪجھ هوٽل هلائيندڙ ماڻهو اهڙن جانورن جون چاپ

ناهي ٻڪر جي جڳھ تي ان کي هلائي ڇڏيندا آهن، چوته چانپ جڏهن پُچي وڃي ته خبر ناهي پوندي ته ٻڪر جي آهي يا ننڍي جانور جي آهي. هي ته سراسر ڏوکو آهي. قرباني ڪرڻ دوران جيڪڏهن جانور جي پيٽ مان زنده ٻار نڪري ته ان کي به ذبح ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن مرده نڪري ته اڇلايو ويندو. (بہار شریعت ، 3 / 348 ، حصّہ : 15) جنهن جانور مان مرده ٻار نڪتو ان جو گوشت پاڪ هوندو ۽ کائڻ به جائز هوندو.

## جان جو صدقو ڪهڙي شيءِ مان ڏنو وڃي

**سوال:** صدقو ڪهڙي طرح ڪيو وڃي جنهن سان بيماري پري ٿي وڃي. (هڪ اسلامي ڀيڻ جو سوشل ميڊيا جي ذريعي سوال)

**جواب:** اعليٰ حضرت امام احمدرضاخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکيو آهي ته جان جو صدقو جانور جيئن ٻڪر يا ڪڪڙ وغيره ذبح ڪري ڏيڻ بهتر آهي. جيئن فتاويٰ رضويه ۾ آهي: ”شيرڻي(يعني مني شيءِ) يا ڪاڌو فقيرن کي کارايو ته صدقو آهي ۽ اقارب کي (يعني رشتيدارن کي کارايو) ته صلہ رحم(يعني رشتيدارن سان سنو ورتاءُ آهي)۽ احباب کي (يعني دوستن کي کارايو) ته ضيافت (يعني دعوت آهي). ۽ اهي ٽئي ڳالهيون (يعني صدقو، صلهءِ رحم ۽ ضيافت) موجبِ نزولِ رحمت(يعني رحمت نازل ٿيڻ) ۽ دفع بلا و مصيبت (يعني بلائون ۽ مصيبتون دور ٿيڻ جو سبب) آهن. (وڌيڪ فرمائن ٿا:) اهوئي حال ٻڪر ذبح ڪري کارائڻ جو آهي. پر تجربي مان ثابت ٿيو آهي ته جان جو صدقو ڏيڻ وڌيڪ فائدو رکي ٿو(يعني ٻڪر ذبح ڪري کارايو ته

وڏيڪ فائدو ٿيندو آهي ۽ وبائون تيزي سان دور ٿينديون آهن).“ (فتاوىٰ رضويه ، 24 / 185-186ملتقطا) البته اهو ضروري ناهي ته پاڻ مريض ذبح ڪري، بلڪ جنهن کي جانور ڏنو ان کي به چئي سگهجي ٿو ته اهو جانور کي ذبح ڪري.

## جانورن تي ظلم ڪرڻ قيامت جي ڏينهن سخت آزمائش جو سبب بڻجي سگهي ٿو!

**سوال:** بعض ماڻهو جانورن تي بي انتها ظلم ڪري رهيا هوندا آهن، ان جي حوالي سان ڪجھ ارشاد فرمايو.

**جواب:** جي ها ڪجھ ماڻهو جانورن تي بي جا سختي ڪندا آهن انهن کي ماريندا ڪٽيندا آهن جيئن ٽانگو يا گڏھ گاڏو هلائڻ وارا انهن مظلوم جانورن کي خوامخواھ لٺيون هڻندا رهندا آهن ۽ ويچاري گڏھ تي ته تمام گهڻو ظلم ڪندا آهن ان جي ران جي قريب وارو حصو زخمي ڪري ڇڏيندا آهن ۽ لٺ جي مٿان ٽين جي ڊبي جو ڪَوَر چڙهائي ان جي چُهنب گڏھ جي زخم تي هڻندا آهن ڪڏهن زور سان ماريندا آهن ۽ اهو ويچارو تڪليف ۽ اذيت جي ڪري ٽينگ ڏيندو ۽ ڊوڙندو آهي. انهيءَ طرح گڏھ گاڏي جي ريس جي موقعي تي به ظلم ڪيو ويندو آهي. پڻ مون جوڙيا بازار ۾ ڏٺو آهي گڏھ گاڏي تي ايترو ته وزن لڏيندا آهن جو ويچارو گڏھ مٿي لٽڪي پوندو آهي جيڪڏهن اهو منظر ڪوئي نرم دل رکڻ وارو انسان ڏسي وٺي ته ان جي اکين مان ڳوڙها نڪري پون.

هڪ پيرو قاري مصلح الدين رضوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي خطاب ۾ فرمايو تہ مون ڏٺو تہ هڪ گڏھ گاڏي ۾ تمام گهڻو سامان لڏيل هو جنهن جي ڪري ويچارو گڏھ متي لٽڪي پيو هو اهو منظر ڏسي منهنجي اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويا. قاري صاحب نرم دل انسان هئا ۽ اهڙا ماڻهو جڏهن اهڙي طرح جا منظر ڏسندا آهن تہ غم سبب روئي ڏيندا آهن. پر افسوس آهي انهن ظالمن تي جيڪي بي زبان ۽ ويچارن جانورن تي ظلم ڪري رهيا هوندا آهن انهن کي بلڪل بہ رحم ناهي ايندو. اهي ماڻهو ياد رکن! قيامت جو ڏينهن ٿيندو ۽ اهي جانور جيڪي توهان جي ڪيل ظلم جو بدلو وٺندا، اهو قيامت جي ڏينهن توهان کي ڏاڍو ڏکيو پوندو. ڀلائي انهيءَ ۾ آهي تہ آئنده ڪنهن بہ جاندار تي ظلم ڪرڻ کان پاڻ کي بچائي رکو چاهي گڏھ هجي، گهوڙو هجي، انسان هجي يا ننڍي ڪِول هجي ڪنهن تي ظلم نہ ڪجو ۽ هن وقت تائين جيڪو ڪيو آهي ان کان توبہ ڪري وٺو. جيڪڏهن توهان جو گڏھ يا گهوڙو پنهنجي گاڏي تيز ناهي هلائي رهيو تہ ان کي مارڻ بدران قيامت جي هن منظر کي سامهون رکو تہ قيامت جي ڏينهن پلصراط تي گذرڻو پوندو جنهن تي قدم رکڻ بہ مشڪل ٿيندو پر پوءِ بہ ٻانهي کي مجبوري طور قدم رکڻو ئي پوندو، ماڻهو ڪٿجي ڪٿجي جهنم ۾ ڪري رهيا هوندا ان ڏينهن توهان کي پلصراط لازمي پار ڪرڻو پوندو ان ڏينهن توهان ڪيتري قدر بي وس هوندا، جڏهن اهو تصور توهان جي سامهون هوندو تہ اُميد آهي توهان پنهنجي سُواري جي مجبوري يا ڪمزوري کي سمجهي ويندا.

یا الٰہی جب چلوں تاریک راہِ پل صراط — آفتابِ ہاشمی نورُ الہدیٰ کا ساتھ ہو
یا الٰہی جب سرِ شمشیر پر چلنا پڑے — رَبِّ سَلِّمْ کہنے والے غمزدا کا ساتھ ہو
(حدائقِ بخشش، ص133)

ياد رکو! ظلم قيامت جي ڏينهن جو انڌيرو آهي، قيامت واري ڏينهن مظلوم جو هٿ هوندو ۽ ظالم جو گريبان، قيامت واري ڏينهن مظلوم ظالم سان پنهنجي ظلم جو بدلو ضرور وٺندو، قيامت واري ڏينهن مظلوم ڪامياب ٿيندو ۽ ظالم ناڪام ٿيندو، قيامت واري ڏينهن آڪڙ، هٿيار جي طاقت، باڊي بلڊنگ، مارشل آرٽ يا وڏا تعلقات ڪنهن ڪي به ڪم ڪونه ايندا. سمجهدار اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي ڪيل تي نادم ٿئي ۽ جن جن ماڻهن جي دل ڏکائي آهي يا ڪنهن به طرح تنگ ڪيو آهي انهن کان معافي گهري راضي ڪري وٺي نه ته آخرت ۾ اهو معاملو وڏو مهانگو پئجي ويندو يعني پنهنجون نيڪيون ڏيٽيون پونديون چاهي حج ڪيو هجي نمازون پڙهيون هجن خيرات ڪئي هجي اهي سڀ مظلوم ڪٽي ويندا ۽ جيڪڏهن نيڪيون نه هونديون يا ورهائي ختم ٿي ويون ۽ هاڻي ڏيڻ جي لاءِ ڪجهه به ناهي ته مظلومن جا گناهه پنهنجي مٿي تي برداشت ڪرڻا پوندا! يعني فرض ڪيو ظالم دنيا ۾ نيڪيون ڪيون به هونديون ته اهو قيامت جي ڏينهن هٿين خالي هوندو ۽ جهنم ۾ وڃو ويندو. پاڻ ڪي ظلم ڪرڻ کان محفوظ رکو چوته اها تمام وڏي مصيبت آهي ايسيتائين جو ان جي ڪري ايمان ضايع ٿي وڃڻ جو به خطرو هوندو آهي جيئن ”الحاوي للفتاويٰ“ جلد2 صفحو نمبر138 تي آهي: حضرت امام اعظم ابو حنيفه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته” بري خاتمي جو سڀ کان وڏو سبب ظلم

آهي.“ الله ڪريم اسان سڀني کي ظلم کان محفوظ فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## ڪبوتر ۽ ٻليءَ جي دوستي

سوال: توهان ڏسي رهيا آهيو ته ٻلي سُتي پئي آهي ڪبوتر ان کي تنگ ڪري رهيو آهي، ڇا جانور به ٻين جانورن کي تنگ ڪندا آهن.؟ (ويڊيو ڏيکاري سوال ڪيو ويو)

جواب: هن ويڊيو ۾ ٻلي ڪبوتر کي نرمي سان پڪڙي رهي آهي ۽ ان کي ڪنهن قسم جو نقصان ناهي پهچائي رهي، ان کي پنهنجي چنبن سان دٻايو به آهي ته ايترو آرام سان جو ڪبوتر کي رانيوتو نه لڳي ۽ ڪنهن قسم جي تڪليف نه ٿئي، ان جي لاءِ ٻلي پنهنجون آڱريون موڙي ڇڏيون آهن، ۽ ڪبوتر کي به معلوم آهي ته اها مون کان گهڻي طاقتور آهي پر حوصلي واري آهي انهيءَ ڪري ڪبوتر نهايت سڪون سان ان وٽ وينو آهي.

هن مان گهڻو ڪجهه سکڻ لاءِ مليو مثال طور: ڪنهن به سُتل کي تنگ نه ڪرڻ گهرجي جو اهو هن سان پريشان ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪو سُتل کي تنگ ڪري ته سمهڻ وارو طاقتور هجڻ باوجود درگذر سان ڪم وٺي. اهو به درس مليو ته جيڪڏهن اسان کي ڪو تنگ ڪري يا گار ڏئي، دڙڪا داٻا ڏئي ته اسان به ان کي داٻا ڏئي پڇايون ته اسان ان جانور کان به برا ٿياسين. انسانن کي سمجهڻ گهرجي ته ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ٿينديون رهنديون آهن درگذر ڪرڻ گهرجي.

# دين خير خواهي جو نالو آهي

سوال: اسان ٻڌو آهي ته جيڪڏهن ڪا سڱ واري ٻڪري ڪنهن بنا سڱ واري ٻڪريءَ کي ماريندي ته قيامت جي ڏينهن اُن کان هن جو بدلو ورتو ويندو. ته پوءِ جيڪڏهن ڪو جانور ڪنهن ٻي جانور سان ڀلائي ڪري ٿو جيئن هن وڊيو ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ڇا هن جو ڪو اجر ڏنو ويندو؟ (وڊيو ڏيکاري ڪيل سوال)

جواب: ٻڪري ته پنهنجي جاءِ تي، جيڪڏهن ڪا ڪِول به ڪنهن ٻي ڪِول تي ظلم ڪندي ته ان کان به ظلم جو بدلو ورتو ويندو. (مسند امام احمد، 3/ 289 ، حديث : 8764ماخوذا) البته جيڪڏهن ڪو جانور ٻي جانور سان ڀلائي ڪري ٿو ته ان کي هن جو اجر ملڻ بابت ڪا روايت پڙهڻ مونکي ياد ناهي. جيڪا وڊيو ڏيکاري وئي آهي اها الله پاڪ جي قدرت جو ڪرشمو آهي جو هڪ ٻدڪ پنهنجي وات سان مڇين کي داڻا کارائي رهي آهي، حالانڪ ٻدڪ ته مڇين کي کائيندي آهي پاڻيءَ تي ترندي به آهي. هن مان اسان انسانن کي به اهو درس ملي ٿو ته اڄ اسان هڪٻئي جي وات مان گرهه کسي رهيا آهيون، چوري، ڦر ۽ قتل ۽ غنڊا گردي ڪري رهيا آهيون جڏهن ته هڪ ٻي زبان جانور ٻي جانور تي ايتري شفقت ڪري رهيو آهي جو پنهنجي وات سان ان جي وات ۾ داڻا وجهي رهيو آهي. هن اعتبار سان ڏنو وڃي ته انسان هڪ جانور کان پوئتي رهجي ويو. اسان کي الله پاڪ جي نافرمانين کان بچڻ گهرجي ۽ هڪٻئي سان همدردي ڪرڻ گهرجي حديثِ پاڪ ۾ اسان کي خيرخواهي يعني هڪٻئي سان ڀلائي چاهڻ جو درس ڏنو ويو آهي ”اَلدِّيْنُ النَّصِيْحَةُ“ يعني دين خيرخواهي جو نالو آهي. (مسلم، ص51، حديث : 196)

# ٻين جو خيال رکو

سوال: حضور! هي ڏسو! هڪ ڪُڪُڙ، ڪُڪِڙ جو خيال رکي پيو، پر انسان ٻي انسان جو خيال نٿو ڪري. ماڻهو مري رهيا آهن، ٿورو ماڻهن کي سمجهايو! (هڪ منظر ڏيکاريو ويو جنهن ۾ هڪ ڪڪڙ بارش جي دوران ڪُڪِڙ جي مٿان پنهنجا پَر ڦهلائي ان کي برسات کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ اهو سوال ڪيو ويو.)

جواب: چا ڳالھ آهي! اهو واقعي انوکو منظر آهي. هن مان اسان کي اهو سکڻ لاءِ ملي ٿو تہ جڏهن جانور هڪ ٻئي سان همدردي ڪن ٿا تہ اسان انسانن کي تہ هڪٻئي سان وڌيڪ همدردي ڪرڻ گهرجي. پر افسوس! انسانن جو هڪ تعداد ائين ناهي ڪندو. پاڻ محفوظ آهن تہ بس سيئي صحيح آهي."حضرت سَري سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بازار ۾ دڪان هو، هڪ ڀيرو اُن بازار ۾ باھ لڳي پئي، سڄي بازار سڙي ڪوئلو ٿي وئي. پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو دڪان محفوظ رهيو. جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هن ڳالھ جي خبر ڏني وئي تہ سندن زبان مان نڪتو"الحمدلله" پر يڪدم ئي پنهنجي نفس کي ملامت ڪندي ارشاد فرمايائون: "فقط پنهنجو مال بچي وڃڻ تي مون ڪيئن الحمدلله چيو!" جيئن تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تجارت کي خيرآباد چئي ڇڏيو ۽ الحمدلله چوڻ تي توبہ ۽ معافي جي خاطر سڄي عمر جي لاءِ دڪان ڇڏي ڏنو." (احياء العلوم، 5 / 7) ڇا شان آهي اسان جي بزرگن جو! اهو هو انهن جو ذهن جو پاڻ نقصان کان بچي خوش ناهي ٿيٺو، بلڪ ٻين جي نقصان جو بہ خيال رکٿو آهي. سيلاب آيل آهي، ٻين جو سامان ٻڏي رهيو آهي ۽ اسان پنهنجو سامان ساڻ کڻي بچي نڪري وڃون، نہ! ائين ناهي ڪرڻو! جيڪڏهن ڪو وائرس آيل

آهي ۽ مان اُن وائرس کان بچي ويو آهيان تہ مونکي هن وائرس جي شڪار ماڻهن کان همدردي ۽ خيرخواهي ڪرڻي آهي. ائين ناهي تہ ڪو مسلمان ٻي جي غمخواري ناهي ڪري رهيو. الحمدلله! هڪ تعداد آهي جيڪو غمخواري ڪري رهيو آهي. الله پاڪ اسان کي بہ غمخواري ڪرڻ وارن ۾ شامل فرمائي.

## ڪل ڦوڪڻ واري مڇي کائڻ ڪيئن؟

سوال: جيڪا مڇي پنهنجي ڪل ڦوڪي ٿي ڇا ان کي کائڻ حلال آهي؟ (مڇي جي ويڊيو ڏيکاري سوال ڪيو ويو جنهن ۾ هڪ ماڻهو مڇي پڪڙي ان جي ڪل کي ڪنهي رهيو آهي جنهن سان مڇي جي ڪل ڦوڪجندي پئي وڃي.)

جواب: اها مڇي ئي آهي ۽ جڏهن مڇي آهي تہ ان جو کائڻ بہ حلال ٿيندو. ٿي سگهي ٿو جڏهن هن تي ڪو دشمن حملا آور ٿيندو هجي تہ اها ڦوڪجي پاڻ کي بچائيندي هجي تہ جيئن ڪين دشمن لقمو نہ بڻائي سگهي. هن ويڊيو ۾ هڪ شخص ان جي ڪل کي هٿ سان رڱڙي پيو جنهن سان شايد مڇي تي گهٻراهٽ طاري ٿي رهي آهي ۽ ان پاڻ کي ڦوڪي ورتو آهي، جيڪڏهن واقعي مڇي کي گهٻراهٽ ٿي رهي آهي ۽ اها تڪليف محسوس ڪري رهي آهي تہ ائين ڪرڻ جي شرعي طور اجازت ناهي، اهو شخص توبہ ڪري. ياد رکو ڪنهن بہ جانور بلڪ ڪيڙي ماڪوڙي کي بہ خوامخواه تڪليف ڏيڻ جائز ناهي. ( در مختار مع رد المحتار، 9 / 663)

ننڍا بار ڪيڙن ماڪوڙن کي لتاڙي رهيا هوندا آهن يا ٻلي کي پڇ مان پڪڙي گهمائي گهمائي اڇلائيندا آهن. ائين نہ ڪرڻ گهرجي. وڏن کي

گهرجي تہ اهي پارن کي ائين نہ کرڻ ڏين. جيکي جانور ايذاء نٿا ڏين انهن کي خوامخواه نہ مارڻ گهرجي. ۽ جيکي جانور ايذاء ڏيندا آهن انهن کي مارڻ اجازت آهي. جيئن مڇر وغيره. البتہ انهن کي بہ ماريو تہ آساني سان ماريو تہ جيئن انهن کي بہ گهٽ تڪليف ٿئي، بي دردي سان يا ٿوري ٿوري تڪليف ڏئي مارڻ جي اجازت ناهي.

حضرت امام ابن حجر هيتمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: انسان ناحق ڪنهن چوپائي کي ماريو يا ان کي بکيو رکيو يا ان کان طاقت کان وڌيڪ ڪم ورتو تہ قيامت جي ڏينهن هن کان انهيءَ جي مثل بدلو ورتو ويندو جيڪو ان جانور تي ظلم ڪيو يا ان کي بکيو رکيو. ان تي مذڪوره حديث دلالت ڪري ٿي. جيئن تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جهنم ۾ عورت کي هن حال ۾ ڏٺو تہ اها لٽڪي رهي آهي ۽ هڪ ٻلي ان جي چهري ۽ سيني کي پٽي رهي آهي ۽ ان کي اهڙو ئي عذاب ڏئي رهي آهي جيئن ان (عورت) دنيا ۾ قيد ڪري ۽ بکيو رکي هن تڪليف ڏني هئي. ( بخاري، 99/2،حديث: 2364 مفهوما) هن روايت جو حڪم تمام جانورن جي حق ۾ عام آهي. (الزواجر،2) ۽ بهارِ شريعت جلد3 صفحي 660 تي آهي: جانور تي ظلم ڪرڻ ذمي ڪافر تي(هاڻي دنيا ۾ سڀ ڪافر حربي آهن) ظلم ڪرڻ کان وڌيڪ برو آهي ۽ ذمي تي ظلم ڪرڻ مسلمان تي ظلم ڪرڻ کان برو آهي ڇوتہ جانور جو ڪوبہ معين و مددگار الله پاڪ کان سواءِ ناهي هن غريب کي ان ظالم سان ڪير بچائي.

## جانورن جون پاڻ ۾ دوستيون

سوال: جانور جيڪڏهن جانور تي ظلم ڪري تہ بروزِ قيامت ان کان ظلم جو بدلو ورتو ويندو، مينهن تي عام طور سُواري ناهي ڪئي ويندي جيئن تہ ويڊيو ۾ ڏيکاريو پيو وڃي تہ ٻڪري مينهن جي

مٿان چڙهي پن ڪائي رهي آهي ته ڇا ٻڪري جو هن طرح مينهن جي مٿان ويهڻ ظلم آهي ۽ ان جو بدلو ورتو ويندو؟ (وڊيو ڏيکاري سوال ڪيو ويو)

سوال: هن وڊيو ۾ مينهن جهڙي طرح مٿو جهڪائي ۽ ڇيلهه سڌي ڪيو بيٺي آهي اهو ڏسي ائين نٿو لڳي ته هن تي ظلم ٿي رهيو آهي بلڪ ائين پيو لڳي ته مينهن ٻڪري سان تعاون ڪيو آهي ته منهنجي مٿان چڙهي وڃ مان پن پٽي کاءُ. جيڪڏهن ان تي ظلم ٿي رهيو هجي ها ته نينگ ٽپا ڏئي ها ۽ هونئن به ٻڪري جو مينهن سان ڇا مقابلو اها ته تمام جاندار هوندي آهي. بعض اوقات جانورن جون پاڻ ۾ دوستيون ٿي وينديون آهن جنهن جي اسان کي سمجهه ناهي پوندي ۽ اهي ائين هڪٻئي سان تعاون به ڪندا آهن.

## الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ وارو جانور

سوال: ٻڌو آهي ڏيڏر جي ذريعي فرعونين کي عذاب ڏنو ويو ته ڇا ان کان پهريان ڏيڏر روءِ زمين تي موجود نه هو؟ (ايس ايم ايس جي ذريعي سوال)

جواب: جڏهن فرعونين کي عذاب ڏنو ويو هيو ته ڏيڏر ئي ڏيڏر ٿي ويا هئا ايستائين جو کاڌي پيتي ۽ ويهڻ جي جائين تي به ڏيڏر اچي ويندا هئا جنهن ڪري اهي تنگ اچي ويا هئا. (حاشية الصاوى ، پ9، الاعراف، تحت الآية: 133، الجزء: 2، 1 / 703 مفهوما) حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته ڏيڏرن کي نه ماريندا ڪريو ڇاڪاڻ جو اهي ان باهه وٽان گذريا جنهن ۾ حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيهِ السَّلَام کي وڌو ويو هو ته انهن

پنهنجي وات ۾ پاڻي پيري باهه تي چڙڪيو هو. (تفسير روح البيان، پ19، النمل، تحت الآية: 16، 6 / 330) ڏيڏر جي باري ۾ اهو به مشهور آهي ته اهو ڪثرت سان ذڪر ڪندو آهي ان ڪي نه ماريو. (معجم اوسط، 3/ 12، حديث: 3716) برسات جو پاڻي جمع ٿيندو آهي ته ڏيڏر ازخود پيدا ٿي ويندا آهن انهيءَ ڪري هڪ چوڻي به آهي ”برساتي ڏيڏر“ ياد رهي! ڏيڏر کائڻ حرام آهي. ( در مختار مع رد المحتار، ڪتاب الذبائح، 9 / 508)

## ڪتا ويڙهائڻ ڪيئن؟

سوال: ڪتن جي ويڙهه ڪرائڻ ڪيئن آهي؟

جواب: ڪُتا ويڙهائڻ ناجائز آهي. (مرأة المناجيح، 5/ 659) جيڪي ماڻهو ڪتا ويڙهائن ٿا اهي هن گناهه کان توبه ڪن.

## ”يارسول الله اوهان تي جان فِدا“ جي ٻاويهه اکرن جي نسبت سان قرباني جون کلون جمع ڪرڻ وارن جي لاءِ 22 نيتون ۽ احتياطون

**ﺑﻪ فرمان مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (معجم ڪبير ج 6 ص 185 حديث 5942) ﴿1﴾ سنّي نيّت ٻانهي کي جنّت ۾ داخل ڪندي آهي. (الفردوس بماثور الخطاب ج 4 ص 305 حديث 6895)

**ٻه مدني گل:** (1) بنا سنّي نيّت جي ڪنهن به سنّي عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سنّيون نيتون وڌيڪ اوترو ثواب به وڌيڪ.

﴿1﴾ رضاءِ الٰهي جي لاءِ سنيون نيتون ڪيان ٿو ﴿2﴾ هر حال ۾ شريعت ۽ سنّت جو دامن پڪڙي رکندس ﴿3﴾ قرباني جي کلن جي لاءِ پيچ ڏُڪ جي ذريعي دعوت اسلامي سان تعاون ڪندس ﴿4﴾ ڪو ڪيتري به بد سلوڪي ڪري پر غصي جو اظهار ۽ ﴿5﴾ بد اخلاقي کان پرهيز ڪري دعوت اسلامي جي عزت آبرو جي حفاظت ڪندس ﴿6﴾ قرباني جي کلن جي ڪري ڪيتري به مصروفيت هجي بنا شرعي عذر جي ڪنهن به نماز جي جماعت ته چا تڪبير اوليٰ به نه ترڪ ڪندس ﴿7﴾ پاڪ لباس عمامي سميت ۽ تهبند (گوڏ) شاپر وغيره ۾ وجهي نمازن جي لاءِ گڏ رکندس (ضرورت آهر بستي وغيره تي رکي سگهو ٿا، هن جي خاص تاڪيد آهي، چوته ذبح جي وقت نڪتل رت نجاستِ غليظ ۽ پيشاب جيان ناپاڪ آهي ۽ کلون جمع ڪرڻ واري جو پنهنجا ڪپڙا پاڪ رکڻ نهايت دشوار هوندو آهي بهارشريعت جلد 1 صفحي 389 تي آهي: نجاستِ غليظ جو حڪم هي آهي ته جيڪڏهن ڪپڙن يا بدن تي هڪ درهم کان وڌيڪ لڳي وڃي ته ان جو پاڪ ڪرڻ فرض آهي، بغير پاڪ ڪرڻ جي نماز پڙهي ورتي ته نه ٿيندي، ۽ قصداً پڙهي ته گناهه به ٿيندو ۽ جيڪڏهن اِستِخفاف جي نيت سان (يعني هن شريعت جي حڪم کي هلڪو سمجهي) آهي ته ڪفر ٿيو ۽ جيڪڏهن درهم جي برابر آهي ته پاڪ ڪرڻ واجب آهي ۽ بغير پاڪ ڪرڻ جي نماز پڙهي ته مڪروهِ تحريمي ٿي يعني اهڙي نماز جو اعادو واجب ٿيو ۽ قصداً پڙهي ته گنهگار به ٿيو جيڪڏهن درهم کان گهٽ آهي ته پاڪ ڪرڻ سنّت آهي جو بنا پاڪ ڪرڻ جي نماز ٿي وئي پر سنت جي

خلاف تي ۽ ان جو اعادو يعني ورائي پڙهڻ بهتر آهي) ﴿8﴾ **مسجد، گهر، مڪتب ۽ مدرسي وغيره جون فراسيون، چٽائيون، ڪارپيٽ ۽ بيون شيون خون آلود ٿيڻ ڪان بچائيندس** (وضو خاني جي لاءِ آلي فرش يا پائيدان وغيره تي به رت آلود پيرن سميت وڃڻ ڪان بچڻ ۽ وضو ڪندي خوب احتياط جي ضرورت آهي نه ته نجاست جي آلودگين ۽ ناپاڪ پاڻي جي چنڊن سان پاڻ سان گڏ بين کي به ناپاڪ ڪرڻ جو احتمال رهندو آهي) ﴿9﴾ **خون آلود بدبودار ڪپڙن سميت مسجد ۾ نه ويندس** (بدبو نه به اچي تڏهن به ناپاڪ ڪپڙو يا اهڙي شيء مسجد ۾ ڪٽي وڃڻ منع آهي. زخم، ڦرڙين، ڪپڙن، عمامي، چادر بدن يا هٿ وات وغيره مان بدبوء اچي ته مسجد ۾ داخل ٿيڻ حرام آهي فيضان سنت جلد پهريون صفحي 1134 تي آهي: مسجد کي (بد) **بوءِ** کان بچائڻ واجب آهي تنهنڪري مسجد ۾ گاسليٽ ٻارڻ **حرام**، مسجد ۾ بدبودار بارود واري ماچيس جي تيلي ٻارڻ حرام، ايتري تائين جو حديث ۾ ارشاد آهي: مسجد ۾ ڪچو گوشت ڪٽي وڃڻ جائز ناهي . (ابن ماجه ج 1 ص 413 حديث 748) حالانڪ ڪچي گوشت جي بوءِ تمام خَفِيف (يعني هلڪي) آهي. ﴿10﴾ **قلم، رسيد بُڪ، پيڊ، گلاس، چانهه جي پيالن وغيره پاڪ شين کي ناپاڪ رت نه لڳڻ ڏيندس** (فتاويٰ رضويه جلد 4 صفحي 585 تي آهي: پاڪ شين کي (بنا شرعي اجازت جي) ناپاڪ ڪرڻ حرام آهي) ﴿11﴾ **جيڪو بين ادارن کي ڪلون ڏيڻ جو واعدو ڪري چڪو آهي ان کي واعدو ٽوڙڻ جو مشورو نه ڏيندس** (آسان طريقو هي آهي ته سنين سنين نيتن سان گڏ اوهان سجو ئي سال متوجهه رهو ۽ پاڻ

پهريان وجي کل بُک ڪرائي وٺو) ﴿12﴾ پنهنجي طئي ٿيل کل جيڪڏهن ڪنهن سني اداري جو ماڻهو نہ پهتو، يا ﴿13﴾ غلطي سان مون وٽ اچي وئي تہ ثواب جي نيت سان اتي ڏئي ايندس ﴿14﴾ جيڪو کل ڏيندو تي سگهيو تہ ان کي مڪتبة المدينہ جو ڪو رسالو يا پمفلٽ تحفي ۾ پيش ڪندس ﴿15﴾ ۽ ان کي شڪريہ، جَزَاکَ الله چوندس. (فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : مَنْ لَّمْ يَشْكُرِ النَّاسَ لَمْ يَشْكُرِ اللّٰهَ. يعني جنهن ماڻهن جو شڪريو ادا نہ ڪيو ان الله جو بہ شُڪر ادا نہ ڪيو. (ترمذي ج 3 ص 384 حديث 1962) ﴿16﴾ کل ڏيڻ واري تي انفرادي ڪوشش ڪري ان کي سنتن ڀري اجتماع ۽ ﴿17﴾ مدني قافلن

۾ سفر وغيره جي رغبت ڏياريندس ﴿18﴾ بعد ۾ ان سان رابطو رکي ڪري کل ڏيڻ جي احسان جي بدلي ۾ ان کي ديني ماحول ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ ﴿19﴾ اهو ديني ماحول ۾ آهي تہ ان کي مدني قافلي جو مسافر يا ﴿20﴾ نيڪ اعمال جو عامل بڻائيندس ﴿21﴾ ڪا نہ ڪا وڏيڪ مدني ترڪيب ڪندس (ذميدارن کي کپي تہ بعد ۾ وقت ڪڍي ڪري کل ڏيڻ وارن جو شڪريو ادا ڪرڻ ضرور وڃو پڻ ان سيني احسان ڪرڻ وارن کي علائقي سطح تي يا جيئن مناسب هجي گڏ ڪري مختصر نيڪي جي دعوت ۽ لنگر رسائل وغيره جي ترڪيب بڻايو، رسالن جي دعوت اسلامي جي چندي مان نہ، بلڪ الگ سان ترڪيب بڻايو) ﴿22﴾ ويجهو يا ڀري جتان کان

ﺑﻪ ڪل ڪٽو (يا بستي جو ڪو ﺑﻪ ڪم سنڀالڻ) جو ذميدار اسلامي ڀاءُ حڪم فرمائيندو ﺗﻪ بنا انڪار جي اطاعت ڪندس. (هي نيتون تمام گهڻ آهن علم نيت سان آشنا وڏيڪ تمام گهڻيون نيتون ڪري سگهي ٿو.)

ٱلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. * سنتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ * روزانو "فڪر مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" إِنْ شَآءَ الله عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. إِنْ شَآءَ الله عزوجل









عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net